# شرم وحياءُ

## چاڪي چئبو آهي

02-January-2020

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شرم و حياءُ چا کي چئبو آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**.

## حضور جي مرڪڻ سان سُئي ملي وئي

اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا سَحري جي وَقت ڪجھ سبي رهيون هيون، اوچتو هٿان سُئي ڪري پئي ۽ چِراغ (Lamp) بہ وسامي ويو. ايتري ۾ رَحمتِ عالم، نورِمجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن تشريف فرما ٿيا. نوراني چهري جي روشني سان سجو گهر روشن ٿي پيو، ايستائين جو سُئي بہ ملي وئي. اُمُّ المؤمِنين رَضِيَ اللهُ عَنْهَا عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو چهرو ڪيترو روشن آهي. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايائون: وَيلٌ لِّمَنْ لَّا يَرَانِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ. يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن ڏسي نہ سگهندو. عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت

جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. فرمايائون: اهو بَخيل آهي. پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: اَلَّذِی لَا یصَلِّ عَلَیَ اِذْ سَمِعَ بِاِسْمِی، جنهن منهنجو نالو ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهيو. (القول البديع،الباب الثالث في التحذير من ترک الصلاة ـــ الخ، ص٣٠٢)

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هر مسلمان تي عمر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ فرض ۽ هر مجلس ۾ جتي بار بار حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نالو ورتو وڃي هڪ ڀيري واجب آهي ۽ هر ڀيري (جڏهن نالو اچي تہ درود پڙهڻ) مستحب آهي. (مرآة المناجيح، ٢/٩٧)

سُوزِنِ گُمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے　　شام کو صُبح بناتا ہے اُجالا تیرا

**مختصر وضاحت:** يعني اسان جي پياري آقا، نور واري مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مرڪڻ سبب اهڙو نُور نڪرندو آهي جنهن جي روشني ۾ گم ٿيل سُئي ملي ويندي آهي، جڏهن تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ مان نڪرڻ وارو نور رات جي اونداهي کي ڏينهن جي سوجهري ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖

ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڊِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گھوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بيان جو موضوع آهي "شرم و حيا ڇا کي چئبو آهي؟". شرم و حيا هڪ اهڙي صفت آهي جنهن جي بغير ايمان واري جي زندگي اڌوري آهي. هي ايمان جي تقاضن مان اهم تقاضا آهي. چڱين صفتن مان هڪ چڱي صفت آهي. قرآن و حديث ۾ ان جي اهميت (Importance) ڪهڙي طرح بيان ٿي آهي، ۽ اسان جي اسلاف جي شرم و حيا ڪهڙي هئي، ان سان گڏوگڏ ٻيون به ڪوڙ فائديمند ڳالهيون اڄ اسان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

سڀ کان پهريان اهي ٻه اهم ڳالهيون ذهن نشين فرمايون:

هڪ اها ته "شرم" ۽ "حياءُ" جي هڪ ئي معنيٰ آهي.

ٻي ڳالهه اها ته شرم و حيا ڇا کي چئبو آهي ۽ هن مان ڇا مراد آهي؟ اچو اهو به ٻڌي ونو: **شرم و حيا ان وصف کي چئبو آهي جيڪا ٻانهي کي هر ان شيءِ کان روڪي جيڪا الله پاڪ ۽ ان جي مخلوق وٽ ناپسنديده هجي.** (باحيا نوجوان، ص٧ ملخصا)

يعني اها صفت جيڪا انسان کي ان ڪم يا شيءِ کان بچائي جنهن کي اللّٰه پاڪ ۽ ان جي مخلوق ناپسند ڪندي هجي. ان کي شرم و حياءُ چيو ويندو آهي.

اچو! هاڻي اسان هڪ حڪايت (Parable) ٻڌون ٿا جنهن مان خبر پوندي ته اسان جا اسلاف(بزرگانِ دين) پنهنجي رب کان ڪهڙي شرم وحيا رکڻ وارا هئا. اي

ڪاش انهن جي صدقي اسان کي بہ ان نيڪ خصلت جون برڪتون حاصل ٿين.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## مون کي بہ (2) جنتون مليون

منقول آهي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ عُمَرفارُوقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي زماني ۾ هڪ عابد نوجوان هو حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه بہ ان جي عبادت تي تعجب ڪندا ڪندا هئا، ان نوجوان جو پيءُ پوڙهو هو، اهو نوجوان نمازِ عشا پڙهي پنهنجي پيءُ جي خدمت لاءِ ويندو هو. رستي ۾ هڪ عورت رهندي هئي، اها ان نوجوان تي فَريفتہ (عاشق) ٿي پئي ۽ روزانو ان جي راهہ ۾ رُڪاوٽ بڻجي بيهي رهندي هئي، آخرڪار هڪ ڏينهن اهو نوجوان شيطان جي ورغلائڻ ۽ ان عورت جي دعوت تي برائي جي ارادي سان ان ڏانهن وڏيو، پر جڏهن دروازي تي پهتو تہ ان کي الله پاڪ جو اهو فرمانِ عاليشان ياد اچي ويو:

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓىِٕفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ﴿۲۰۱﴾ (پ۹،الاعراف ۲۰۱)

**ترجَمو ڪنز الايمان:** بيشڪ جيڪي تقويٰ وارا آهِن. جڏهن اُنهن کي ڪنهن شيطانِي خيال جو ڌڪ لڳي ٿو تہ هوشيار ٿِي وڃن ٿا اُنهيءَ وقت سندن اکيُون کُلِي وڃن ٿِيُون.

هن آيت جي ياد ايندي ئي ان جي دل تي الله پاڪ جو خوف ايتري قدر غالب ٿيو جو اهو بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو. جڏهن اهو ڪافي دير تائين گهر نہ پهتو تہ ان جو پوڙهو پيءُ تلاش ڪندي اتي پهتو ۽ ماڻهن جي مدد سان ان کي کڻائي گهر پهتو. جڏهن رات دير سان نوجوان کي هوش آيو تہ پيء پڇيائين: پٽ ڇا ٿيو؟ نوجوان چيو: هاڻي خيريت آهي. پيء خدا جو واسطو ڏئي حقيقَتِ حال معلوم ڪيو تہ نوجوان سڄو معاملو عرض ڪري ڇڏيو. پيءُ پڇا ڪئي: پٽ! توهان ڪهڙي آيت پڙهي هئي؟ ان بيهر ساڳي آيت تلاوت ڪئي تہ بيهر بيهوش ٿي ويو، جڏهن ان کي هِلائي ڏٺو ويو تہ روح جسم مان پرواز ڪري چڪو هو. ان کي غسل ڏئي رات ئي جو دفن ڪيو ويو، صبح جو اها ڳالهہ اميرالمؤمنين

حضرت فاروق اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ تائين پهتي تہ پاڻ ان جي والد وٽ تعزيت (Condolence) جي لاءِ تشريف کڻي ويا ۽ فرمايائون: اوهان مون کي ڇو نہ خبر موڪلي؟ ان عرض ڪيو: اميرالمؤمنين! رات جي وقت اوهان کي تڪليف ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو. پاڻ فرمايائون: مون کي ان جي قبر تي وٺي هلو. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ڪجھ ماڻهن سان گڏ ان جي قبر تي پهتا ۽ هي آيت تلاوت فرمايائون:

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ جَنَّتٰنِ ۟

(پ۲۷، الرحمٰن۴۶)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪو پنهنجي رب جي بارگاھ ۾ بيهڻ کان ڊڄي ان جي واسطي ٻہ جنتون آهن.

تہ قبر مان ان نوجوان بلند آواز سان پُڪاري چيو: يا اميرالمؤمنين! بيشڪ منهنجي رَبّ تعاليٰ مون کي ٻہ جنتون عطا ڪيون آهن. (شرح الصدور، ص۲۱۳)

محبت میں اپنی گُما یا الٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یا الٰہی!
مِرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دَم | تِرے خَوف سے یاخُدا یا الٰہی!
تِرے خوف سے تِرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی!
بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دَم بچا یا الٰہی!
عبادت میں گزرے مِری زندگانی | کرم ہو کرم یاخُدا یا الٰہی!
مسلماں ہے عطارؔ تری عطا سے | ہو ایمان پر خاتمہ یا الٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ايمان افروز حڪايت مان ڪيئي ڳالهيون سکڻ لاءِ مليون.

## عبادت ۽ رياضت ۾ دل لڳايو!

پهرين ڳالھ اها تہ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو اهو معمول هوندو هو تہ اهي عبادت ۽ رياضت جي ڪثرت سان گڏوگڏ مسجدن ۾ رهڻ کي پنهنجو

معمول بڻائيندا هئا. اسان کي بہ هن عادت کي اپنائڻ گهرجي. افسوس! اڄ اسان فضول ڪمن ۾ وقت برباد ڪندا آهيون بلڪ بعض نادان تہ گناهن ڀري ڪمن ۾ بہ پئجي، وقت ۽ آخرت برباد ڪندا آهن پر مسجد ۾ وقت گذارڻ جي لاءِ ٽائيم ناهي ملندو. ❖ **اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو موبائل تي سوشل ميڊيا استعمال ڪندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ضايع ڪندو آهي پر ان کي مسجد ۾ اچڻ لاءِ ٽائيم ناهي ملندو.** ❖ **اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو بسترن تي ليٽي ريموٽ هٿ ۾ پڪڙي ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ ٽي وي ڏسڻ ۾ گذاري ڇڏيندو آهي پر مسجد ۾ وقت گذارڻ جو ٽائيم ناهي ملندو.** ❖ **اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو روزانو فٽ بال، ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ اهڙيون ٻيون رانديون کيڏڻ جي لاءِ دلجمعي سان وقت ڪيندو آهي پر مسجد ۾ وقت گذارڻ جو ٽائيم ناهي ملندو.** ❖ **اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو لائنون ناهي سنيما جون مهانگيون ٽڪٽون خريدي گناهن ڀريا پروگرام ڏسڻ جي لاءِ وقت ڪڍي وٺندو آهي پر مسجد ۾ وقت گذارڻ جو ٽائيم ناهي ملندو.** ❖ **اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو دوستن، يارن، رشتيدارن ۽ ٻين سان گڏ سڄي دنيا جي موضوعن تي ڪلاڪين خيالن جي ڏي وٺ ۽ گپ شپ ۾ گذاريندو آهي پر مسجد ۾ وقت گذارڻ جو ٽائيم ناهي ملندو.** ❖ اڄ هڪ تعداد آهي جيڪو ملڪي سياست هجي يا بين الاقوامي سياست، داخلي معاملا هجن يا خارجي معاملا، سياسي شخصيتون هجن يا سماجي، انهن تمام معاملن تي اهڙا تبصرا ڪندا آهن جو وقت گذرڻ جو انهن کي احساس تائين ناهي ٿيندو پر مسجد ۾ وقت گذارڻ جو ٽائيم ناهي ملندو. جڏهن تہ مسجدن کي آباد رکڻ، انهن سان تعلق رکڻ، انهن ۾ عبادت ڪندي وقت گذارڻ وڏي سعادت جي ڪمن مان آهي. قرآنِ پاڪ ۾ بہ مسجدن کي آباد ڪرڻ جي ترغيب ڏياري وئي آهي. جيئن ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ وَ لَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ فَعَسٰۤى اُولٰٓىٕكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿۱۸﴾ (پ ۱۰ ،التوبہ :۱۸)

ترجمو ڪنزالايمان: الله جُون مسجدُون تہ فقط اُهي ئِي آباد ڪندا آهِن جيڪِي الله ۽ قِيامَت تي اِيمان رکن (ٿا). ۽ نماز قائم رکندا آهن ۽ زڪوٰة ڏيندا آهن ۽ الله کان سواءِ ڪنهن کان نہ ڊڄندا آهن پوءِ قريب آهي جو اهي ماڻهو هدايت وارن مان هجن.

اچو! مسجدن سان محبت ڪرڻ ۽ انهن ۾ ايندڙ ويندڙ جي فضيلتن بابت ٻہ فرمانِ مصطفيٰ ٻڌون ٿا:

1. ارشاد فرمايائون: جڏهن ڪو ٻانهو ذِڪر ۽ نَماز جي لاءِ مسجد کي ٺڪاڻو ٺاهيندو آهي تہ الله پاڪ ان کان اهڙو خوش ٿيندو آهي جيئن ماڻهو پنهنجي گمشده شخص جي پاڻ وٽ موٽڻ تي خوش ٿيندا آهن. (ابن ماجه،كتا ب المساجد والجماعات ،با ب لزوم المساجد، ۴۳۸/۱، حديث:۸۰۰)

2. ارشاد فرمايائون: جيڪو مسجد کان مَحَبَّت ڪري ٿو الله پاڪ ان کي پنهنجو محبوب بڻائي ٿو. (مجمع الزوائد ،كتاب الصلوة ،با ب لزوم المساجد ،۲/ ۱۳۵، حديث:۲۰۳۱)

اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪيتري پياري دعا ڪن ٿا:

طالبِ مغفرت ہوں یااللہ — بخش حیدر کا واسطہ یاربّ!
کاش! عادت فضول باتوں کی — دُور ہو از پئے رضا یاربّ!
واسطہ میرے پیر و مرشد کا — مجھ کو تُو متقی بنا یاربّ!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عبادت گذار نوجوان جي ايمان افروز حڪايت اسان ٻڌي، هن مان اها ڳالهہ بہ معلوم ٿي تہ مرڻ واري جي قبر تي وڃڻ بلڪل جائز آهي، تڏهن تہ اَمِيرُالمؤمنين حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْه ان نوجوان جي قبر تي

تشريف وٺي ويا، ۽ اهو به معلوم ٿيو ته مرڻ وارن مان ڪي اهڙا به هوندا آهن جن کي الله پاڪ اها طاقت عطا فرمائيندو آهي ته هو پنهنجي قبرن مان به جن کان چاهين گفتگو ڪندا آهن. جيئن ته جڏهن حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْه ان نوجوان کان تصديق چاهي ته رب پاڪ جو واعدو آهي ته جيڪو پنهنجي ربّ آڏو بيهڻ کان ڊڄي ان جي لاءِ به جنتون آهن، ڇا توهان کي اهي جنتون مليون؟ ته ان نوجوان قبر جي اندران جواب ڏنو ته الله پاڪ مون کي به جنتون به پيرا عطا فرمايون آهن.

هڪ ٻي اهم ڳالهه اها به خبر پئي ته جيڪڏهن ٻانهي ۾ شرم و حيا جو جذبو بيدار رهي ته هو هر طرح جي گناهن کان بچي سگهي ٿو. ۽ جيڪڏهن ان ۾ شرم و حيا نه هجي ته ٻانهن جي ويجهو ناپسنديده ڪم هجن يا خود خالقِ ڪائنات جي ويجهو، بي شرم انسان کي انهن کي ڪرڻ ۾ ڪا عار (Shame) محسوس ناهي ٿيندي. اسان اهو به ڏٺو ته اهو نوجوان پهريان ته شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي ويو جيئن ئي ان کي قرآنِ پاڪ جي آيت ياد آئي ۽ ان جي ذهن ۾ آيو ته اهو اهڙو ڪم آهي جنهن سان منهنجو مالڪ ۽ خالق ناراض ٿيندو ته شرم ۽ ندامت سبب هو بيهوش ٿي پيو. ۽ شرم و حيا انهيءَ شيءِ جو نالو آهي ته هر اهو ڪم جيڪو ربّ ڪريم يا ٻانهن جي ويجهو ناپسنديده هجي ته ان کي ڇڏي ڏئي.

## شرم و حيا جي اهميت

هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته شرم و حيا هڪ اهڙو مضبوط قلعو آهي جيڪو ذلت ۽ رسوائي وارن سمورن ڪمن کان بچائي ٿو ۽ جڏهن ڪو شرم و حيا جي هن دائري کان ٻاهر نڪري ته هو بي شرمي ۽ بي حيائي جي اونهائين ۾ ٻڏندو ويندو آهي.

هونئن ته انسان ۾ ڪيئي ٻيون عادتون ۽ وصف به موجود آهن پر شرم و حيا هڪ اهڙو وصف آهي جو جيڪڏهن لب و لهجي، عادات و اطوار ۽ حرڪات و

سکنات مان اهو پاڪيزه وصف ختم ٿي وڃي ته ٻيا ڪيئي سٺا وصف ۽ عمده عادتون (Good habits) پڻ هليون وينديون آهن. ٻيا ڪيئي نيڪ وصف شرم و حيا جي ختم ٿيڻ جي ڪري پنهنجي اهميت وڃائي ڇڏيندا آهن. ۽ اهڙو شخص ماڻهن جي نگاهن مان ڪري پوندو آهي.

ياد رکو! ڏُک سُک، خوشي غمي، غصي ۽ شفقت سميت ڪئي ٻيا وصف جانورن ۾ به آهن جڏهن ته شرم و حيا هڪ اهڙو وصف آهي جيڪو صرف انسانن ۾ هوندو آهي، اهو جانورن ۾ ناهي هوندو. انسان ۽ جانور جو فرق شرم و حيا جي ذريعي ٿيندو آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن مان شرم و حيا ويندو رهي ته هاڻي ان ۾ ۽ جانور ۾ ڪجهه خاص فرق ناهي رهندو، اهو ئي سبب آهي جو اسان جي دينِ اسلام شرم و حيا اپنائڻ جي گهڻي ترغيب ڏياري آهي.

## شرم حيا جي اهميت تي احاديثِ طيبہ

اچو! شرم و حيا جي اهميت بابت ڪجهه حديث سڳوريون ٻڌون ٿا:

ارشاد فرمايائون: بيشڪ حيا ۽ ايمان پاڻ ۾ مليل آهن، پوءِ جڏهن هڪ هليو وڃي ته ٻيو به ڪنيو ويندو آهي. (مستدرک،کتاب الایمان، باب اذازنی العبد خرج منه الایمان، ۱/ ۱۷۶، حدیث: ۶۶)

ارشاد فرمايائون: بيشڪ هر دين جو هڪ خُلق آهي ۽ اسلام جو خُلق حيا آهي. (ابن ماجہ، کتاب الزھد، باب الحیاء،۴/۴۶۰، حدیث: ۴۱۸۱)

ارشاد فرمايائون: بي حيائي جنهن شيء ۾ هجي ان کي عيب دار ڪندي آهي ۽ حيا جنهن شيء ۾ هجي ان کي زينت بخشندي آهي. (ابن ماجہ، کتاب الزھد باب الحیاء،۴/۴۶۱، حدیث:۴۱۸۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اسلام ۾ شرم و حياء جي ڪيتري اهميت آهي، هڪ حديث ۾ فرمايو ويو ته ايمان ۽ حياءُ پاڻ ۾ مليل آهن، جڏهن

هڪ بہ ختم ٿيندو آهي تہ ٻيو ازخود (Automatic) ختم ٿي ويندو آهي. اڄ اسلام جي دشمنن جي اها ئي سازش آهي تہ مسلمانن مان کهڙي نموني حياءُ جي چادر لاٽي وڃي، جڏهن حيا ئي نہ رهندو تہ ايمان پاڻ ئي هليو ويندو.

**اڄ اسان جي معاشري ۾ کهڙيون کهڙيون بي حيائيون ڏٺيون وينديون آهن اچو پڙهون ٿا:** ❖ فحش يعني بي حيائي واري گفتگو ڪرڻ ❖ گاريون ڏيڻ ❖ چست يعني بدن سان چنبڙيل لباس پائڻ اهڙي طرح جو ان سان بدن جا عضوا ڏسڻ ۾ اچن ❖ وڏن جي تعظيم نہ ڪرڻ ❖ گانا باجا ٻڌڻ ❖ فلمون ڊراما ڏسڻ ❖ گناهن جو ارتڪاب ڪرڻ ❖ بي حيائي وارا ناول پڙهڻ ❖ اجنبي مردن ۽ عورتن جو شاديءَ جي نالي تي هڪ ٻئي ڏانهن اچڻ وڃڻ ❖ پردي جو لحاظ نہ رکڻ ❖ اجنبي مردن جو خواتين کان بي تڪلف ٿيڻ ❖ ان کان علاوہ بہ ڪيتريون ئي مثالون آهن. ياد رکو حديثِ پاڪ ۾ آهي: حياءُ ايمان جو حصو آهي. (مسند ابی یعلی، مسند عبداللہ بن سلام، ۶/۲۹۱، حدیث: ۷۴۶۳) يعني جنهن ۾ جيترو ايمان گهٽو هوندو اهو اوترو ئي شرم و حياءُ وارو هوندو جڏهن تہ جنهن جو ايمان جيترو ڪمزور هوندو شرم وحيا بہ ان ۾ اوتري ئي ڪمزور هوندي.

## شرم و حياءِ جاهليت وارو دور

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان تاريخ (History) جو مطالعو ڪريون تہ اسان کي خبر پوندي تہ دورِ جاهليت يعني رحمت عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ولادت مبارڪ کان پهريان واري زماني ۾ عربن ۾ بي حيائي ۽ بي شرمي عام هئي. مرد ۽ عورت جو اختلاط، عورتن جي نچڻ گائڻ مان لذت وٺڻ، اهو سڀ ان وقت بہ عام هو. عرب جا وڏا وڏا شاعر عورتن جي نازيبا حرڪتن ۽ ادائن جو ذڪر پنهنجي شاعري ۾ فخريہ طور ڪندا هئا. اهڙي طرح ڪي ماڻهو پيءُ جي مرڻ تي مَعَاذَ الله پيءُ جي زال يعني پنهنجي ماتيلي ماءُ سان نڪاح ڪندا هئا. ان کان علاوہ بہ طرح طرح جي بي شرمي ۽ بي حيائي واريون رسمون انهن ۾ عام هيون. مطلب تہ! جاهليت واري معاشري جو شرم و حيا کان پري پري تائين جو بہ تعلق نہ هو.

## شرم وحيا کان معمور ماحول

پر جڏهن پيڪرِ شرم و حيا، جنابِ احمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا کي پنهنجي نوراني تعليمات سان منور ڪرڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا ته پاڻ سڳورن پنهنجي حيا دار نگاهه سان اهڙو ماحول بڻايو جو هر پاسي شرم و حياء جي روشني پکڙجڻ لڳي، هاڻي اهو ئي معاشرو (Society) جن وٽان ڪڏهن حياءُ جو گذر به نه ٿيو هو، اتي شرم و حيا جو سازگار ماحول پيدا ٿيڻ لڳو، اهو ئي معاشرو جتي شرم و حيا ڪرڻ عيب سمجهيو ويندو هو هاڻي انهيءَ ماحول ۾ جنابِ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جهڙا عظيم انسان پيدا ٿيڻ لڳا جن جي باري ۾ خود حبيبِ خدا، سيد الانبياء صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: تَسْتَحِي مِنْهُ الْمَلَائِكَةُ عثمان کان ته آسمان جا ملائڪ پڻ حيا ڪن ٿا. (مسلم،كتاب فضائل الصحابة،باب من فضائل عثمان بن عفان،ص١٠٠۴، حديث:٢۴٠١)

يا الٰہی دے ہمیں بھی دولتِ شرم و حیا
حضرتِ عثماں غنی باحیا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پٽ وڃايو آهي حياءُ ناهي وڃايو!

انهيءَ حيا واري ماحول جو نتيجو هو جو حضرت اُمِّ خَلَّاد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جو پٽ جڏهن جنگ ۾ شهيد ٿي پيو. ته هوءَ پنهنجي پٽ بابت معلومات وٺڻ جي لاءِ نڪتيون، پر ان وقت به پنهنجو چهرو ڍڪي رکيو، چهري تي نقاب لڳائي بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ حاضر ٿيون ته ان تي ڪنهن حيرت وچان چيو: اوهان هن وقت به باپرده آهيو؟ ته ان تي بي بي اُمِّ خَلَّاد رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا چيو: **مون پنهنجو پٽ ضرور وڃايو آهي، پر پنهنجو حياءُ ناهي وڃايو، اهو اڃا به باقي آهي.**
(ابو داود، كتاب الجهاد، باب فضل قتال ...الخ، ٣/ ٩، حديث: ٢۴٨٨ ملتقطا)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پيڪرِ شرم و حيا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ سرڪارِ مديني، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مجڻ وارن ۾ شرم و حيا تي مشتمل زبردست ماحول بڻايو. اڄ اسان ڏسون ٿا تہ شرم وحيا کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، اهي ماڻهو جيڪي شرميلا هجن، فطرتي طور تي حياءُ انهن ۾ گهڻو هجي ۽ اهي ان جو اظهار ڪن تہ انهن تي طرح طرح جون ٺوڪون ڪيون وينديون آهن، کو چوندو آهي تہ ادا! ڇو ڇوڪرين وانگر شرمائي رهيو آهين، تہ ڪو اهڙي جي باري تبصرو ڪندي چوندو آهي: ❖ **اهو تہ ڇوڪرين کان بہ گهڻو شرميلو آهي.** ڪنهن جي واتان هن طرح جا لفظ نڪرندا آهن تہ **ان جون تہ ڇوڪرين واريون عادتون آهن.** جڏهن تہ ڪو ان جي باري ۾ اهو چوندي نظر ايندو آهي تہ **اڙي ادا!** **مرد ٿي مرد! عورت نہ ٿي.** جڏهن تہ ڪنهن جي زبان تي اهڙا ڪلما هوندا آهن تہ اهو ڇوڪرِي آهي ڇوڪرِي.

اهڙن کي ياد رکڻ گهرجي تہ شرم و حيا هڪ اهڙو وصف آهي جو جيترو گهڻو هوندو آهي اوترو ئي ڀلائي ۾ اضافو ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري رسولِ رحمان، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: حياء صرف خير ئي آڻيندي آهي. (مسلم،کتاب الايمان،باب بيان عدد شعب الايمان،ص۴۵، حديث:۳۷)

جڏهن تہ خود اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شرم ۽ حيا جو ڇا عالم هو، اچو ٻڌون ٿا: حضرت عمران بن حصين رَضِیَ اللهُ عَنْه چون ٿا: رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنواري، پردَه نشين ڇوڪريءَ کان بہ وڌيڪ باحيا هئا. (معجم ڪبير،۱۸/۲۰۶، حديث:۵۰۸) پوءِ ڇوتہ آقا ڪريم، رسولِ رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پاڻ شرم و حيا جا پيڪر هئا ان ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مقدس تعليمات سان سڄي معاشري کي حيادار ۽ باوقار بڻائي ڇڏيو ۽ اتي رهڻ وارو هر هڪ

شرم و حيا جو پيڪر بڻجڻ لڳو. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جا ته خوب فرمائن ٿا:

نیچی نظروں کی شرم وحیا پر دُرُود
اونچی بِینی کی رِفعت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش، ص۳۰۱)

## اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

هن مان اسان کي به اهو درس مليو ته جيڪڏهن اسان پنهنجي گهر ۾ شرم و حيا جو ماحول بنائڻ چاهيون ٿا ته پهريان اسان کي خود پنهنجي اندر شرم وحيا پيدا ڪرڻي پوندي. ❖ **جيڪڏهن** اسان جي خواهش آهي ته اسان جا گهر وارا بي پردگي کان بچن ته پهريان اسان کي پاڻ حيا جو پيڪر بڻڻو پوندو. ❖ **جيڪڏهن** اسان اهو چاهيون ٿا ته اسان جا گهر وارا فلمن ۽ ڊرامن جي حيا سوز منظرن کان بچن ته پهريان اسان کي پاڻ فلمن ڊرامن جو بائيڪات ڪرڻو پوندو. ❖ **جيڪڏهن** اسان اهو چاهيون ٿا ته اسان جا گهر وارا محرم ۽ غير محرم جي پردي کي يقيني بڻائن ته پهريان اسان کي پاڻ ان جي پاسداري ڪرڻي پوندي. ❖ **جيڪڏهن** اسان اهو چاهيون ٿا ته اسان جي گهر ۾ اهڙو لباس نه پاتو وڃي جيڪو شرم و حيا جي خلاف آهي ته پهريان اسان کي به اهڙن لباسن کي ڇڏڻو پوندو. ❖ **جيڪڏهن** اسان اهو چاهيون ٿا ته اسان جي گهر ۾ ڪا اهڙي ڳالهه نه ٿئي جيڪا شرم وحيا جي خلاف هجي ته پهريان اسان کي پاڻ به فحش ۽ بي حيائي واري گفتگو کان بچڻو پوندو. ❖ **جيڪڏهن** اسان جي اها خواهش آهي ته اسان جا گهر وارا نگاهون جهڪائڻ وارا بڻجن ته پهريان اسان کي نگاهون جهڪائڻ جي عادت بنائڻي پوندي. ❖ **جيڪڏهن** اسان جي اها خواهش آهي ته اسان جا گهر وارا گانا ٻڌڻ ٻڌائڻ کان بچن ته پهريان اسان کي گانن باجن کان پنهنجي نفرت ظاهر ڪرڻي پوندي. ❖ **جيڪڏهن** اسان جي اها خواهش آهي ته اسان جا گهر وارا پارڪن، شاپنگ سينٽرز ۽ بازارن ۾ بي پرده نه گُهمن ته اسان کي پاڻ به ان کان پري رهڻو پوندو. ❖ **جيڪڏهن** اسان جي اها خواهش آهي ته

اسان جا گهر وارا بازاري گفتگو کان بچندي مهذب زبان جو استعمال ڪن ته پهريان اسان کي پاڻ ان تي عمل ڪرڻو پوندو. ❖ **جيڪڏهن** اسان اهو چاهيون ٿا ته اسان جا گهر وارا مخلوق کان به شرم و حيا ڪن ۽ خود خالقِ ڪائنات کان به شرم و حيا ڪن ته پهريان اسان کي پاڻ اهو وصف پنهنجي اندر پيدا ڪرڻو پوندو. ان ڪري اسان کي گهرجي ته پنهنجي گهراڻي کي مڪمل باحيا بنائڻ جي ڪوشش ڪريون، ۽ ان جي لاءِ اسان کي حيا وارو ماحول پيدا ڪرڻو پوندو. **امیرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمائن ٿا: حياء جي نشوونما ۾ ماحول ۽ تربيّت جو وڏو عمل دخل آهي. حياء وارو ماحول مُيسّر ٿيڻ جي صورت ۾ حياء اجان وڌيڪ چمڪي پوندو آهي. جڏهن ته بي حياء ماڻهن جي صحبت دل ۽ نگاهه جي پاڪيزگي ختم ڪري، بي شرم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ بانهو بيشمار غير اخلاقي ۽ ناجائز ڪمن ۾ مبتلا ٿي پوندو آهي. انڪري جو اهو حياء ئي ته هو جيڪو برائين ۽ گناهن کان روڪيندو هو، جڏهن حياء ئي نه رهيو ته هاڻي برائي کان ڪير روڪي؟ گهڻا ماڻهو ته اهڙا هوندا آهن، جيڪي بدنامي جي ڊپ کان شرمائي، برايون ناهن ڪندا، پر جن کي نيڪ نامي ۽ بدنامي جي پرواهه ناهي هوندي، اهڙا بي حياء ماڻهو هر گناهه ڪري ويهندا آهن، اخلاقيات جون حدون پار ڪري، بداخلاقي جي ميدان ۾ لهي پوندا آهن ۽ انسانيت کان به ڪريل ڪم ڪرڻ ۾ شرم محسوس ناهن ڪندا.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان کي گهرجي ته شرم و حيا کي وڌائڻ جي لاءِ شرم و حيا وارو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. هن جو هڪ طريقو اهو به آهي ته گهر ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون جو جنهن جي برڪت سان گهر جا سيئي فرد ان جون برڪتون حاصل ڪري سگهن. **حڪمتِ عملي** سان گڏ گهر ۾ درسِ فيضانِ سنت جو انتظام ڪريون ۽ وقت بوقت گهر وارن کي شرم و حيا تي اڀارڻ وارا واقعا ٻڌايون. مدني انعامات جي رسالي جي آخر ۾ **امير اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي طرفان ڏنل"گهر ۾

مدني ماحول ٻڌائڻ جا 19 مدني گل“ بهترين رهنما آهن.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مسجد درس“

اَلْحَمْدُلِلّٰه اڄ جي هن پُرفتن ماحول ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي گناهن کان بچائيندي آهي، شرم وحيا تي اڀاريندي ۽ عشقِ رسول جا جام پري پري پياريندي آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ هن ماحول سان وابستہ ٿي وڃون ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ شرڪت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه روزانو گهٽ ۾ گهٽ 2 ڪلاڪ مدني ڪمن جي لاءِ ڏيڻ جي ترغيب اِرشاد فرمائي آهي. يقيناً جيڪو جيترو وڌيڪ وقت ڏيندو، ان جي لاءِ ثواب ڪمائڻ جا موقعا بہ ايتري قدر گهڻا هوندا. اِنْ شَآءَالله

ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”مسجد درس“ بہ آهي. ❖ ”مسجددرس“ سان مسجدون آباد ٿين ٿيون. ❖ ”مسجد درس“ سان انفرادي ڪوشش ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ❖ ”مسجد درس“ سان نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو آهي. ❖ ”مسجد درس“ جي برڪت سان ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو آهي. ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي، جيئن

منقول آهي تہ الله ڪريم حضرتِ سَيِدُنا مُوسيٰ عَلَيه السَّلَام ڏانهن وَحي فرمائي: ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وَحشت نہ ٿئي. (حِليۃُ الاَولياء،۶/۵،حديث:۷۶۲۲) بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿيو تہ سٺين سنين نيتن سان سُنّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا تہ ڀاڳ ئي کلي پوندا آهن، اِنْ شَآءَالله اُنهن جون قبرون اَندران جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو. اچو! ترغيب لاءِ ”مسجد درس“ جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## مدني بهار

فيروز والا، (ضلع شيخوپوره، پنجاب، پاڪستان) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته هو مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان پهريان فڪرِ آخرت کان غافِل ٿي دنيا جي رنگينين ۾ گم هو. حالت اها هئي جو نماز پڙهڻ به نه ايندي هيس ۽ نه ئي وضو، غسل جو صحيح طريقو معلوم هيس. ان جي زندگي ۾ بهار ڪجھ هن طرح آئي جو هڪ ڏينهن پاڙي واري مسجد ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ فيضانِ سنت مان درس ڏئي رهيو هو. اتفاق سان ان ڏينهن هو به مسجد ۾ هليو ويو، جڏهن ان اسلامي ڀاءُ جو درس ٻڌائين ته درس جا پرتاثير لفظ دل ۾ سمائجي ويا. ان کان پوءِ هو پابندي سان مسجد ۾ نماز جي لاءِ اچڻ لڳو ۽ درس ۾ به شرڪت ڪرڻ لڳو ان مسجد درس جي برڪت سان انهن هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪئي اتي سنتن ڀريو بيان ٻڌو، پوءِ ذڪر ۽ رقت انگيز دعا ٿي ته اَلحَمدُ لِلّٰه هو ايترو متاثر ٿيو جو ان کان پوءِ نه صرف پاڻ پابندي سان اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو بلڪ پنهنجي دوستن کي به اجتماع ۾ وٺي وڃڻ لڳو اهڙي طرح ان اسلامي ڀاءُ سان گڏ ان جا ڀائر، سڀي گھر وارا ۽ دوست به گناهن کان توبه ڪري مدني ماحول سان وابسته ٿي ويا.

ہے تجھ سے دعا ربِّ اکبر! مقبول ہو"فیضانِ سُنّت"
مسجِد مسجِد گھر گھر پڑھ کر،اسلامی بھائی سناتا رہے

(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص۴۷۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ شڪ ناهي ته اسان جو معاشرو بري طرح بي حيائي جي وڪڙ ۾ اچي چڪو آهي، فَحاشي ۽ عُرياني جون تيز ۽ سخت هوائون شَرم و حَيا جي چادَرن کي ليڙون ليڙون ڪري رهيون آهن، جديد دور

جي روشن خياليءَ غيرت جو جَنازو ڪڍي ڇڏيو آهي، هن ناليُ جي ترقّيءَ بي حيائي کي فيشن جو نالو ڏئي ميڊيا جي ذريعي گھر گھر ۾ پھچائي ڇڏيو آهي، اولھ کان اينڊڙ انڌي تھذيب شرم و حيا کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ مسلم معاشري ۾ بہ بي حيائي جو رواج عام ٿيندو پيو وڃي. اڄ تفريح گاهن ۾ بي حيائين جا نظارا عام آهن ۽ ويتر وڌي رهيا آهن. اڄ عورتن جي هڪ تعداد آهي جيڪا شرم و حيا جي چادر کي گھر رکي بازارن ۾ سرِ عام بي حيائي کي فروغ ڏيندي نظر اچي ٿي. ۽ اهي ماڻهو جن جي اکين مان شرم و حيا ختم ٿئي چڪو آهي اهي اهڙين کي معاذاللّٰہ اکيون ڦاڙي ڏسندي نظر اچن ٿا. پهريان تہ فلمن ۽ ڊرامن جا حياسوز منظر صرف ٽي وي ۽ سينيما گھرن جي سڪرينن تي ٿيندا هئا، پر اڄڪلھ موبائل جي سھولت هر هڪ جي ان تائين رسائي عام ۽ آسان ڪري ڇڏي آهي. اڄ اجنبي اجنبيہ سان گڏ اڪيلو ملڻ ۾ ڪو شرم محسوس نٿو ڪري جڏهن تہ اهو سخت حرام آهي. اڄ اجنبي ۽ اجنبيہ هڪٻئي سان ملاقات ڪن ٿا، هڪٻئي سان هٿ ملائن ٿا ۽ بي شرمي سان مرڪندي نظر اچن ٿا، اڄ شرعي پردي کي پُراڻي دور جي رواج ۾ شمار ڪيو پيو وڃي. اڄ مسلمان عورت سينگارجي نھي بنا پردي جي ٻاهر نڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿي.

## مڱڻي ڪان پوءِ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو ميل جول

مطلب تہ! حالات خراب کان خراب تر ٿيندا پيا وڃن، ان جو هڪ بنيادي سبب علمِ دين کان دوري پڻ آهي جيڪا ويتر برائي تي اياري ٿي. انهيءَ علمِ دين کان دوري ۽ جهالت جي گھڻائي جو نتيجو آهي جو مڱڻي (Engagement) ٿيڻ کان پوءِ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي لاءِ هڪ ٻئي کي ڏسڻ، هڪ ٻئي سان ڳالھ ٻولھ ڪرڻ ۽ ميل جول رکڻ جي معاملي ۾ شَرعي رُڪاوٽون ختم ڪيون وينديون آهن. جڏهن تہ مڱڻي کان پوءِ بہ جيستائين نڪاح ناهي ٿيندو ڇوڪرو ڇوڪري هڪ ٻئي جي لاءِ بلڪل ائين ئي اجنبي ۽ نامَحرَم ئي آهن جيئن مڱڻي کان پهريان هئا، لھٰذا نڪاح ٿيڻ کان پوءِ ئي انهن ٻنهي جي لاءِ هڪ ٻئي

سان بي حجابي ۽ گفتگو وغيره جائز تيندي، جيسيتائين نڪاح ناهي ٿي ويندو اهي ٻئي پاڻ زال مڙس ناهن ۽ نہ ئي هڪٻئي جا والدين انهن جي لاءِ سس ۽ سهرو آهن. مڱڻي جي باوُجُود اُنهن کي پاڻ ۾ بہ پردو ڪرڻو پوندو ۽ هڪٻئي جي والدين کان بہ شَرعي پردي جو لحاظ رکڻو پوندو. بدقسمتي سان اسان جي مُعاشَري ۾ مڱڻي جي آڙ ۾ پردي بابت شَرعي احڪامن کي پهريان کان وڌيڪ نظر انداز ڪيو ويندو آهي هڪ ٻئي کي نہ صرف آزادي سان ڏسن ٿا بلڪ ڳالهہ ٻولهہ، ڪل پوڳ ۽ هڪ ٻئي سان گڏ اڪيلو گهمڻ ڦرڻ وغيره جا سلسلا زور ۽ شور سان شروع ٿي ويندا آهن جڏهن تہ اهو ناجائز و حرام ۽ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارا ڪم آهن. ياد رکو! مڱڻي ٿيڻ جي باوجود بہ اجا تائين اهي ٻئي هڪ ٻئي جي لاءِ نامحرم ئي آهن.

ياد رکو! جيڪو شخص پنهنجي اکين کي حرام سان پريندو آهي الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي اک ۾ جهنم جي باهہ پري ڇڏيندو. (مُکاشَفَةُ الْقُلُوب، ص۱۰)

جيڪو نامحرمن کي دنيا ۾ ڏسندو ڪالهہ قيامت واري ڏينهن ان جي اک ۾ جهنم جي سرائي ڦيري ويندي. (بَحرُ الدُّمُوع،ص۱۷۱) جيڪي دنيا ۾ فلمون ڊراما ڏسي لطف اندوز ٿين ٿا اهي جڻ پاڻ کي جهنم جي باهہ تي پيش ڪرڻ جي جسارت ڪن ٿا. جيڪي شريعت جي احڪامن جي پرواهہ نٿا ڪن ڪالهہ قيامت جي ڏينهن وڏين مصيبتن ۾ گرفتار ٿئي سگهن ٿا.

## غير مَحرم سان گڏ اڪيلائپ جي ممانعت

رسولِ ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو اهو هر گز ڪنهن اهڙي غير مَحرَم عورت سان گڏ تنهائي (Privacy) اختيار نہ ڪري جنهن سان گڏ ان جو مَحرَم مرد نہ هجي ڇوتہ اهڙي صورت ۾ انهن جي وچ ۾ ٽيون شيطان هوندو آهي. (مسند امام احمد،مسند جابر بن عبد الله،۱۰۱/۵،حديث:۱۴۶۵۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حياء پيدا ڪرڻ جو هڪ طريقو اهو به آهي ته اسان بزرگن جي شرم ۽ حيا جا واقعا پڙهون ۽ پاڻ ۾ عمل جو جذبو بيدار ڪريون. اسان جي بزرگن جو شرم ۽ حيا ڪهڙو هو، اچو ان بابت ڪجهه واقعا پڙهون ٿا.

## عثمانِ باحيا جو شرم و حيا

حضرت حسن رَحْمَةُ الله عَلَيه امير المومنين حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي شرم و حيا جي شدت بيان ڪندي فرمائن ٿا ته جيڪڏهن حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْه ڪنهن ڪمري ۾ هوندا هئا ۽ ان جو دروازو به بند هوندو هو، تڏهن به وهنجڻ جي لاءِ ڪپڙا نه لاهيندا هئا ۽ حيا جي سبب چيلهه سِڌي نه ڪندا هئا. (مسند امام احمد،مسند عثمان بن عفان ،١/١٦٠،حديث: ٥٤٣)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو هڪ پاسي حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه آهن جيڪي تنهائي ۾ به شرم و حيا جو لحاظ رکن ٿا جڏهن ته ٻئي پاسي اسان جي هڪ تعداد آهي جيڪا تنهائي ته ڇا سيني جي سامهون به شرم و حيا جي دائري کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي نظر ايندي آهي، ڪڏهن مختصر ۽ سنهو لباس پائي، ڪڏهن شادين ۾ مردن ۽ عورتن جي نچڻ ڳائڻ جون محفلون سجائي ۽ ڪڏهن نگاهن کي حرام سان پُر ڪري شرم وحيا جو سرِ عام جنازو ڪيڊندي نظر ايندا آهن. اچو دعا ڪريون ٿا ته يا الله پاڪ توکي حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْه جي حيا جو واسطو اسان کي به شرم وحيا جي نيڪ عادت عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

میری بَک بَک کی عادت مِٹا دے
اور آنکھیں حَیا سے جُھکا دے
صدقہ عثماں کا جو باحیا ہے
یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص ١٣٩)

اڇو! شرم وحيا تي مشتمل هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا،

## اکين کان پياري رضاءِ الٰهي

پنهنجي زماني جا مشهور ولي حضرت سَيِدُنا يونس بن يوسف رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جوان هئا، اڪثر وقت مسجد ۾ ئي گذاريندا هئا هڪ ڀيرو مسجد کان گهر اچي رهيا هئا تہ اوچتو هڪ عورت تي نگاهہ پيس ۽ دل ان ڏانهن مائل ٿيس پر پوءِ يڪدم ئي شرمسار ٿي توبہ ڪيائون ۽ بارگاهہ اِلٰهي ۾هيئن دعا ڪئي: ”اي منهنجا پاڪ پروردگار! اکيون جيتوڻيڪ تمام وڏي نعمت آهن، پر هاڻي مون کي خطرو محسوس ٿيڻ لڳو آهي تہ ڪٿي اُهي منهنجي هلاڪت جو باعث نہ بڻجي وڃن ۽ مان انهن جي ڪري عذاب ۾ ڦاسي نہ وڃان، منهنجا مالڪ! تون منهنجي نظر ختم ڪري ڇڏ تہ پوءِ سندن جي دعا قبول ٿي ۽ اُهي نابينا ٿي ويا.

(عيون الحکايات،الحکاية السابعة والاربعون بعد المائة،۱۶۵ملخصا)

آنکھ اُٹھتی تو میں جھنجھلا کے پلک سی لیتا
دل بگڑتا تو میں گھبرا کے سنبھالا کرتا

(ذوقِ نعت،ص۳۱)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي ولي حضرت يونس رَضِیَ اللہُ عَنْه جو اهو انداز، ايتري اعليٰ سوچ اها انهن جو ئي حصو هئي. بهرحال اسان کي ايترو تہ ڪرڻ گهرجي تہ اسان پنهنجي اکين کي هر ان ڪم کان بچايون جيڪي شرم وحيا جي خلاف هجن. خاص ڪري اِستِقبالِيہ ڪيمپ تي وينل بي پرده عورت بدِنگاهي جي دعوت ڏئي رهي هجي يا ڪٿي رستي ۾ ايندي ويندي نظر اچي تہ پنهنجي نِگاهن جي حفاظت ڪريو ڇوتہ اهڙي عورت کي بري نيت سان ڏسڻ مسلمان جو نہ شيطان جو ڪم آهي. حضرت عبدُالله بن مَسعُود رَضِیَ اللہُ عنه کان روايت آهي تہ حضور نبي پاڪ، صاحبِ لَولاڪ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ ذي وَقار آهي: يعني عورت عورت آهي (يعني لڪائڻ جي شيءِ) جڏهن ڪا عورت ٻاهر نڪرندي آهي تہ شيطان ان کي جهاتي پائي ڏسندو آهي. (ترمذی،کتاب الرضاع، باب:۱۸، ۲ /۳۹۲،

حديث:(١١٧٦) جڏهن ته هڪ ٻي حديث ۾ اهو به منقول آهي: ”جيڪو شخص شَهوت سان ڪنهن نامحرم عورت جي حُسن وجمال کي ڏسندو قيامت جي ڏينهن ان جي اکين ۾ شيهو پگهاري وڌو ويندو.“ (هِدايه،كتاب الكراهية،فصل فی الوطء والنظر والمس،۴/ ۳۶۸)

یاالٰہی رنگ لائیں جب مری بے باکیاں
ان کی نیچی نیچی نظروں کی حیا کا ساتھ ہو

(حدائق بخشش، ص۱۳۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي اسلاف جي شرم وحيا جا واقعا ٻڌي رهيا هئاسين، اچو! هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا:

## حضرت عمر بن عبدالعزيز جو حيا

جيئن هڪ بزرگ جو بيان آهي ته حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه محتاط گفتگو ڪندا هئا، هڪ ڀيري سندن جي بغل ۾ ڦرڙي نڪتي. اسان ان بابت ڪائنس پڇڻ آياسين ته ڏسون ڇا ٿا فرمائن؟ اسان پڇيو ته ڪٿي نڪتي آهي؟ ارشاد فرمايائون: هٿ جي اندرئين حصي ۾. (احياء العلوم، كتاب آفات اللسان،الآفة السابعة الفحش ـــ الخ،۳/ ۱۵۱)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شرم و حيا ڪيتري هئي جو هو بغل جو تذڪرو ڪرڻ کان لنوائي رهيا هئا، پر اڄ اسان جي هڪ تعداد آهي جيڪا ڳالهين ڳالهين ۾ گهڻا فحش(يعني بي حيائي وارا) ۽ خراب جملا وڏي بي خوفي سان چوندي رهندي آهي ۽ انهن کي ان جو احساس به ناهي هوندو. شرما و حيا جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشادِ عاليشان آهي: اَلْجَنَّةُ حَرَامٌ عَلَي كُلِّ فَاحِشٍ أَنْ يَدْخُلَهَا هر فحش ڪلام ڪرڻ واري تي جنت جو داخلو حرام آهي. (موسوعة ابن ابی الدنيا، كتاب الصمت ،۷/ ۲۰۴،

حديث :٣٢٥)

❖ جڏهن تہ حضرت ابراهيم بن مَيسَرَه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منقول آهي تہ فحش ڳالهائيندڙ ۽ بتکلُّف فحش ڪلام ڪرڻ واري(يعني بي حيائي واريون ڳالهيون ڪرڻ واري) کي بروزِ قيامت ڪتي جي صورت ۾ يا ڪتي جي پيٽ ۾ آندو ويندو. (احياء العلوم، کتاب آفات اللسان، الباب الثانی ، الآفة السابعة۔۔الخ،١/ ١٥١)

اللہ ہمیں کر دے عطا قفلِ مدینہ ... ہر ایک مسلماں لے لگا قفلِ مدینہ
یارب نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں ... اللہ زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
بولوں نہ فضول اور رہیں نیچی نگاہیں ... آنکھوں کا زباں کا دے خدا قفلِ مدینہ
(وسائل بخشش مرمّم، ص٩٣-٩٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فحش گوئي سميت ٻين برائين کان بچڻ ۽ شرم وحيا سميت ڪيئي نيڪ عادتون پيدا ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو.

## جانشينِ عطار ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ دينِ متين جو پيغام پهچائڻ لاءِ مصروفِ عمل آهي، هن جديد دور ۾ تبليغ دين لاءِ جديد ذريعا بہ اپنايا پيا وڃن. انهيءَ سلسلي جي تحت جانشين امير اهلسنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني جي نالي سان بہ هڪ ايپليڪيشن(Application) ٺاهي وئي آهي. جنهن جو نالو آهي:”الحاج عبيد رضا عطاري“(AL-Haaj Ubaid Raza Attari) هن ايپليڪيشن ۾ جانشينِ اميراهلسنت جا بيان، شارٽ ڪلپون، مختلف مصروفيتون، مدني

چينل ريڊيو، ڪلب وغيره جي ڊائون لوڊنگ ۽ سرچنگ جي سهولت شامل ڪئي وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ اها ايپ انسٽال ڪيو ۽ هن مان خوب فائدو وٺو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سنت جي فضيلت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سُنّتيں عام کريں دِين کا ہم کام کريں نيک ہو جائيں مسلمان مدينے والے

## ويهڻ جو سُنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو ويهڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ملاحظ فرمايو ❖ سُرين (يعني ڍُڏ) زمين تي رکو ۽ ٻئي گوڏا اُڀا ڪري ٻنهي ٻانهن کي گوڏن جي چوڌاري ورايو ۽ هڪ هٿ سان ٻئي کي پڪڙيو، ان ريت ويهڻ سنّت آهي، (پر ان دؤران گوڏن تي ڪا چادر وغيره وجهڻ بهتر آهي) (مرآةالمناجيح،۶/۳۷۸) ❖ پلٿي هڻي ويهڻ به نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان ثابت آهي. ❖ جتي ڪجھ اُس ۽ ڪجھ ڇانوَ هجي اتي نہ ويهو. حضرت سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪو ڇانوَ ۾ هجي ۽ ان تان ڇانوَ ختم ٿي وڃي ۽ هو ڪجھ اُس ۽ ڪجھ ڇانوَ ۾ رهجي وڃي تہ ان کي گهرجي تہ ان جاءِ تان اٿي وڃي. (ابو داود،كتاب الادب،باب في الجلوس بين الظل و الشمس، حديث ۴۸۲۱، ج۴،ص۳۳۸) ❖ قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهو. (رسائل عطاريه حصو 2 ص 229) اعليٰ

حضرت، امامِ اهلسنت، مولانا احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: پير ۽ استاد جي جاءِ تي انهن جي غير موجودگي ۾ به نه ويهي. (فتاويٰ رضويه، ج 24 ص 369، 424) ❖ جڏهن به اجتماع يا مجلس ۾ اچو ته ماڻهن کي اورانگهي اڳتي نه وڌو جتي جڳهه ملي اتي ئي ويهي رهو. ❖ جڏهن ويهو ته جوتا لاهي ويهو توهان جي پيرن کي آرام ملندو. (جامع صغير ،حديث:۵۵۴،ص۴۰) ❖ مجلس مان فارغ ٿي تي پيرا هيءَ دعا پڙهو ته گناهه معاف ٿي ويندا ۽ جيڪو اسلامي ڀاءُ ڀلائي ۽ ذِڪر واري مجلس ۾ پڙهي ته ان جي لاءِ خير تي مهر لڳائي ويندي، اها دعا هي آهي: "سُبْحَانَك اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِك لَا اِلٰه اِلَّا اَنْتَ اَسْتَغْفِرُك وَاَتُوْبُ اِلَيك" ترجمو: "تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ اي الله! سڀ خوبيون تنهنجي لاءِ ئي آهن، تو کانسواءِ ڪو معبود ناهي، تو کان بخشش گهران ٿو ۽ تو ڏانهن توبهه ڪريان ٿو. (سنن ابي داؤد،ڪتاب الادب، باب في ڪفارة المجلس، الحديث: ۴۸۵۷، ۴/۳۴۷) ❖ جڏهن ڪو باعمل عالم يا متقي شخص يا سيّد صاحب يا ماءُ پيءُ اچن ته تعظيم لاءِ اُٿي بيهڻ ثواب آهي. ❖ مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: بزرگن جي اچڻ تي اهي بئي ڪم يعني تعظيمي قيام ۽ استقبال جائز بلڪ صحابه جي سنت آهن. (مرأة المناجيح ،ج۶، ص ۳۷۰، جمله منقول از سنتيں ۽ آداب،ص۹۹، بتغير)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَالله! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو "جنت جي قيمت" هن بيان ۾ اسان ٻڌنداسين ته جنتي محل ڪيئن ملندا؟ صلح جي

باري ۾ آيتِ ۽ فرامينِ مصطفيٰ، جنت جون جهلڪيون، ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جا فائدا به ٻڌنداسين. جنت ۾ ڪير ڪير وڃي سگهي ٿو ان تي به ڪجهه مدني گل بيان ڪيا ويندا. لهٰذا! **آئنده جمعرات به** اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ کڻي زور سان چئو: اِنْ شَآءَ اللّٰه

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٖ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305